"لما كفر اليهود و النصارىٰ بمحمدﷺ، لم يبق لهم ايمان صحيح، و لا شرع و لا دين، و انما يتبعون اهواء هم، لانهم لو كانوا مؤمنين باصل دينهم لقادهم ذالك الى الايمان برسالت الاسلام و بنبوة محمدﷺ لان جميع الانبياء بشروا به، و امروا باتباعه"(٣)

ترجمو: جڏهن يهودين ۽ عيسائين حضرت محمد كريمﷺ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ته انهن جو صحيح ايمان شريعت ۽ دين باقي نه رهيو. هاڻي اهي گمراهي واري رستي تي آهن. جيڪڏهن اهي مومن ۽ پنهنجي صحيح مذهب تي هجن ها ته اهي مڃن ها اسلام کي ۽ ايمان اڻن ها محمد ڪريمﷺ جي رسالت ۽ نبوت تي، ڇو ته سمورن نبين انهي (پاڻ ڪريمﷺ) جي بشارت ڏني آهي ۽ سندس جي فرمانبرداري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

اڳين سيني آسماني ڪتابن توريت، انجيل، زبور، هندن جي ويدن وغيره ۾ آخري نبي جي اچڻ جي خبر آيل آهي ۽ آخري نبي هجڻ جو اعزاز حضرت محمد ڪريمﷺ کي حاصل آهي. انهي ڪري سيني مذهبن جي ماڻهن کي گهرجي ته اهي اسلام ۾ داخل ٿين.

۽ مسلمانن مٿان لازم آهي ته اهي پاڻ ڪريم ﷺ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن، انهي جي ٻڌايل طريقي تي هلڻ:

"اطيعوا الله و اطيعوا الرسول"(٤)

ترجمو: الله جي ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪريو.

ٻي جڳهه تي فرمان باري تعالي آهي:

"من يطع الرسول فقد اطاع الله"(٥)

ترجمو: جنهن رسول جي اطاعت ڪئي ڄڻ ته الله جي اطاعت ڪئي.

الله ۽ رسول جي اطاعت سان گڏ، صحابه ڪرام جي طريقي تي هلڻ، حق جي عالمن ۽ مجتهدن جي ٻڌايل طريقو اپنائڻ به رسول اللهﷺ جي اطاعت ۾ شامل آهي. انهي ڪري هتي اسان غير مسلم ذمين جا حق قرآن، حديث، صحابه ڪرام جي فرمانن ۽ مجتهد ۽ فقيهن جي اقوالن جي روشني ۾ ڏئي رهيا آهيون، جيئن سيني مسلمانن کي سيرت رسولﷺ تي عمل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

## اسلامي حڪومت يا دار الاسلام ۾ غير مسلمن سان ورتاءُ:

جيئن مٿي گذري آيو ته اسلام جي آمد بعد سيني ماڻهن مٿان لازم آهي ته اهي اسلامي طريقي کي اپنائڻ پر پوءِ به جيڪي ماڻهو پنهنجي اڳين مذهب تي هلڻ ۽ رهڻ چاهين، اسلام ۾ ڪين انهي جي اجازت اهي. ڪنهن به ماڻهو کي زور زبردستي سان مسلمان بنائڻ جي اسلام ۾ اجازت نه آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

"لا اكراه في الدين"(٦)

ترجمو: دين (قبول ڪرائڻ) ۾ زور زبردستي نه آهي.

انهي آيت جي تفسير ۾ علامه سعيد حوا لکي ٿو:

"لا تكرهوا احدا على الدخول في دين الاسلام، فانه بيّن واضح۔ جلية دلائله و براهينه، لا يحتاج الىٰ ان يكره احد على الدخول فيه، بل من هداه الله للاسلام، و شرح صدره و نور، بصيرته، دخل فيه على بينة و من اعمىٰ قلبه و ختم علىٰ سمعه و بصره فانه يا يفيده الدخول في الدين مكرها مقهورا"(٧)

ترجمو: ڪنهن کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مجبور نه ڪيو ويندو ڇو ته اهو ڇٽن ۽ کليل دليلن سان واضح (حق وارو) آهي، زور زبردستي اسلام ۾ ڪنهن جي داخل ڪرڻ جي ضرورت به نه اهي. باقي جنهن کي الله اسلام جي هدايت ڏي انهي جو سينو کولي انهي جي سوچ ۾ روشني آڻي ته هو روشني سان داخل ٿئي اسلام ۾، ۽ جنهن جي دل کي الله تعاليٰ انڌو ڪري، انهي جي ڪنن ۽ اکين تي مهر (گمراهي جي) هڻي ته اهڙي ماڻهو جو زورزبردستي ۽ ڌاڙ سان اسلام ۾ داخل ٿيڻ فائديمند به نه آهي.

جنهن علائقي کي مسلمان فتح ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا، سي ڪان پهريون انهي علائقي، شهر يا ڳوٺ جي ماڻهن کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏيندا هئا، جن ماڻهن اسلام قبول ڪيو انهن جي جان، مال ۽ عزت محفوظ ٿي ويندا. اسلام قبول نه ڪرڻ وارن کي چيو ويندو ته ڀل توهان پنهنجي مذهب تي رهو پر اسلامي نظام ۽ اسلامي حڪومت کي تسليم ڪريو، انهن مان جيڪي اسلامي حڪومت جي فوقيت تسليم ڪندا انهن جي به جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ اسلامي حڪومت جي ذميداري ٿي پوندي. باقي جيڪي ماڻهو مسلمان نه ٿيندا، اسلامي حڪومت جي فوقيت به تسليم نه ڪندا ته ان سان جهاد ڪيو ويندو ۽ جتي اسلامي حڪومت قائم هوندي اتان جي رهندڙ غير مسلمن مٿان لازم هوندو ته اهي

اسلامي حڪومت جي ماتحتي قبول ڪن.

اسلام جي ماتحتي ۽ فوقيت تسليم ڪرڻ وارن غير مسلمن جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت جي بدلي ۾ انهن کان سالانه ٽيڪس ورتو ويندو جنهن کي اسلامي اصطلاح ۾ "جزيو" چئبو آهي.

مشهور لغت دان بطرس بستاني جزيه جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

"الجزية خراج الارض و ما يوخذ من اهل الذمة"(٨)

ترجمو: (ذمين کان) جيڪو خراج (زمينن جو ڍل) وصول ٿيندو آهي يا ذمين کان ٽيڪس ورتو ويندو آهي انهي کي جزيه چئجي ٿو.

جزيه جي متعلق الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

"قاتلوا الذين لا يؤمنون بالله و لا باليوم الآخر و لا يحرمون ما حرم الله و رسوله و لا يدينون دين الحق من الذين اوتوا الكتاب حتىٰ يعطوا الجزية عن يد و هم صاغرون"(٩)

ترجمو: جيڪي الله کي ۽ آخرت جي ڏينهن کي نٿا مڃين انهن سان لڙائي ڪريو ۽ انهن سان لڙائي ڪريو جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي حرام ڪيل شين کي حرام نٿا چون ۽ جيڪي سچي دين تي نٿا هلن اهل ڪتاب مان، جيستائين اهي جزيو ادا نه ڪن ۽ اهي تابع هجن.

اسلامي نظام عدل جي قبوليت جي لاءِ ڪافر جزيو پريندا، ظلم جي خلاف انهن جو اهو مال تعاون آهي چو ته انهن کي جاني تعاون جي تڪليف نه ڏني وئي آهي.

غير مسلمان سان به مختلف سببن ڪري ڪيترن ئي مائهن تي جزيو معاف آهي. محقق عبدالعزيز رجي حنفي لکي ٿو:

"و لا تؤخذ الجزية من المسكين الذى يتصدق عليه و لا من اعمىٰ لا حرفة له و لا عمل و لا من مقعد و زمن۔ و لا تؤخذ الجزية من الشيخ الكبير لا يستطيع العمل، و لا شئ له و كذالك المغلوب علىٰ عقله لا يؤخذ منه شئ"(١٠)

ترجمو: مسڪين کان جزيو نه ورتو ويندو جيڪو پاڻ (خيرات) وٺڻ جو حقدار آهي، اهڙي آڪين نابيني کان به نه ورتو ويندو جنهن کي ڪاروبار نه آهي هڪ جاءِ تي وينل ۽ لنگڙي معذور کان جزيو نه ورتو ويندو. ۽ پوڙهي کان به جزيو نه ورتو ويندو جنهن کي ڪاروبار نه آهي ۽ وٽس پيسو به نه آهي ۽ چرئي کان به جزيو نه ورتو ويندو.

عصام الدين حاشيه قونوي ۾ جزيه معاف ڪيل ماڻهن جي باري ۾ لکي ٿو:

"و لا علی شیخ او زمن او صبی او امراة او مملوك او اعمیٰ و لا علی المفلوج و لا علی راهب"(١١)

ترجمو: پوڙهي، دائمي بيمار، ٻار، عورت، ٻانهي، نابين، چرئي ۽ راهب تي جزيو نه آهي.

مٿي ايل ماڻهن سان جزيه جي معاملي ۾ رعايت آهي پر انهن جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ اسلامي حڪومت مٿان لازم آهي. ذڪر ڪيل ماڻهن مٿان به لازم آهي ته اهي اسلامي حڪومت سان معاهدي ۾ شامل آهن اهي اسلام ۽ اسلامي حڪومت خلاف ڪنهن به قسم جي بغاوت يا سازش ۾ شريڪ نه ٿين.

مٿين ڏنل تفصيل کان پوءِ صرف ڪمائيندڙ، بالغ، نوجوانن تي جزيو لازم ٿئي ٿو. جيڪي ماڻهو اسلام ۽ اسلامي حڪومت جي ماتحتي ۽ فوقيت قبول ڪن ٿا، لازم ڪيل ٽيڪس ادا ڪن ٿا انهن کي "ذمي" چئبو آهي. ذمي لفظ جي وضاحت ۾ علامه محمد فريد وجدي لکي ٿو:

"ذمیم المهد و لامان جمعها و اهل الذمة المعاهدون من النصاریٰ والیهود ممن یقیمون بدار الاسلام"(١٢)

ترجمو: جنهن سان معاهدو ۽ ٺاهه ٿئي انهي کي ذمي چئبو آهي جنهن جو جمع ذمم آهي. يهودين ۽ عيسائين (وغيره) مان جنهن سان اسلامي حڪومت ۾ رهڻ جو معاهدو ٿيندو آهي انهي کي ذمي چئبو آهي.

جڏهن ڪنهن به غير مسلم کي ذمي جو درجو ملي ٿو ته انهي جون ڪيتريون ئي اسلامي حڪومت مٿان ذميواريون عائد ٿين ٿيون. جنهن ۾ جان، مال، ۽ عزت جي حفاظت ۽ مذهبي آزادي شامل آهي. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## غير مسلم ذمي جي جان جي حفاظت:

الله تعالي انسان کي اشرف المخلوقات هجڻ جو اعزاز بخشيو آهي. سندس قدر ۽ قيمت به ٻين سيني جاندارن کان وڌيڪ آهي ۽ الله جو فرمان آهي ته جنهن ڪنهن هڪ ماڻهو کي ناحق قتل ڪيو ڄڻ ته پوري انسانيت کي قتل ڪيو ۽ جنهن هڪ ماڻهو جي جان بچائي انهي پوري انسانيت جي جان بچائي. انهي مان ئي انساني جان جي قدر و قيمت جو اندازو يلي پت لڳائي سگهجي ٿو. پوري ايت هن طرح آهي:

"و من اجل ذالك كتبنا علىٰ بنى اسرائيل انه من قتل نفساً بغير نفس او فساد فى الارض فكانما قتل الناس جميعا و من احياها فكانما احيا الناس جميعا"(۱۳)

ترجمو: انهيءَ حالت جي مدِ نظر اسان بني اسرائيل وار لاءِ حڪم لکي ڇڏيو ته جنهن به ماڻهوءَ سواءِ ان حالت جي جڏهن قصاص وٺڻو هجي يا ملڪ ۾ قرمار ۽ خونريزي ڪرڻ وارڻ ڪي سزا ڏيڻي هجي، ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي قتل ڪري وڌو تنهن ڄڻ ته سڀني انسانن جو خون ڪيو ۽ جنهن به ٻئي ڪنهن جي حياتي بچائي تنهن ڄڻ ته سڀني انسانن کي حياتي ڏني.

نه صرف اسلام ۾ پر اسلام کان پهريون به ماڻهوءَ جي جان قدرت ۽ قيمت واري هئي. قرآن ميجد ۾ تورات ۾ آيل هڪ حڪم جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو آهي:

"و كتبنا عليهم فيها ان النفس بالنفس و العين بالعين و الانف بالأنف و الاذن بالاذن و السن بالسن و الجروح قصاص و من تصدق به فهو كفارة له و من لم يحكم بما انزل الله فاولئك هم الفاسقون"(۱۴)

ترجمو: ۽ اسان يهودين لاءِ تورات ۾ هي حڪم ڏنو هو ته جان جي بدلي ۾ جان، اک جي بدلي ۾ اک، نڪ جي عيوض ۾ نڪ، ڪن جي عيوض ۾ ڪن، ڏند جي بدلي ۾ ڏند ۽ زخمن جي عيوض ۾ اهڙا ئي زخم. پوءِ جيڪو بدلو وٺڻ معاف ڪري ڇڏي تنهن (جي گناهن) لاءِ اهو ڪفارو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو خدا جي نازل ڪيل ڪتاب موجب حڪم نه ڏيندو ته اهڙا ئي ماڻهو آهن جيڪي فاسق (بدڪار) آهن.

اسلام جي روءِ سان ذمي ۽ مسلمان، غلام ۽ آقا (مالڪ) جي جان ۽ قدرت قيمت ۾ فرق نه آهي. جيئن مٿي گذري آيو ته: "جان جي بدلي جان" ۽ اها ئي انساني رواداري اهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"من قتل عبدى قتلناه"(۱۵)

ترجمو: جنهن ماڻهوءَ ٻانهي (غلام) کي قتل ڪيو ته ڪيس (بدلي ۾) قتل ڪيو ويندو.

"سمرہ بن جندبؓ سے منقول ہے کہ نبی کریم ﷺ نے فرمایا کہ جو شخص اپنے غلام کو قتل کرے گا ہم اسے قتل کریں گے اور جو اسے زخمی کرے گا ہم اس کو زخمی کریں گے" (۱۶)

"ان رجلا من المسلمين قتل رجلا من اهل الكتاب فرفع الى النبی ﷺ فقال رسول الله ﷺ انا احق من وفیٰ ذمته ثم امر به فقتل"(١٧)

ترجمو: مسلمانن مان هڪ ماڻهو اهل ڪتاب جي ڪنهن شخص کي قتل ڪيو پوءِ اهو فيصلو نبي ڪريم ﷺ ڏانهن آندو ويو. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته انهي شخص جي بدلي وٺڻ جو مان وڌيڪ حقدار ۽ ذميوار آهيان پوءِ انهي ماڻهو (مسلمان قاتل) کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائون.

ذمي جي ڏنڊ ۽ چٽيءَ جي باري ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضه جو فرمان آهي:

"فان کان له عهد او ذمة فديته دية المسلم"(١٨)

ترجمو: معاهدي واري ماڻهو يا ذميءَ جي چٽي ۽ خون بها مسلمان واري آهي.

فقيهن(Jurisprudents) جو هن ڳالهه ۾ اختلاف رهيو آهي ته ذمي جي بدلي ۾ مسلمان کي قتل ڪيو ويندو يا نه؟ اهڙي اختلاف جي باري ۾ علامه محمد علي صابوني لکي ٿو:

"اختلف الفقهاء فی الحر اذا قتل عبدا، والمسلم اذا قتل ذميا هل يقتلان بهما ام لا؟ فذهب الجمهور (المالکية والشافعية ولحنابلة) الیٰ ان الحر لا يقتل بالعبد و لا لمسلم بالذمی۔ و ذهب الحنفية الیٰ ان الحر يقتل بالعبد و کذالك المسلم يقتل بالذمی"(١٩)

ترجمو: هن ڳالهه ۾ فقيهن جو اختلاف رهيو آهي ته جڏهن آزاد ڪنهن غلام کي قتل ڪري يا مسلمان ڪنهن ذميءَ کي قتل ڪري ته انهيءَ جي بدلي ۾ قاتل کي قتل ڪيو ويندو يا نه؟ جمهور فقيه (مالڪي، شافعي ۽ حنبلي) هن ڳالهه جا قائل آهن ته آزاد کي ٻانهي جي بدلي ۾ ۽ مسلمان کي ذميءَ کي بدلي ۾ قتل نه ڪيو ويندو ۽ حنفي فقيهن جو خيال آهي ته آزاد ٻانهي جي بدلي ۾ ۽ مسلمان ذمي جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويندو.

حنفي فقيهن ذڪر ڪيل ايت "ان النفس بالنفس" ۽ بيان ڪيل حديثن، حضرت عبدالله بن مسعود رضه جي قول ۽ ٻين حديثن ۽ ائمه جي اقوالن مان دليل ورتا آهن ته ذمي جي قتل عيوض مسلمان کي ۽ ٻانهي کي

قتل عيوض آزاد کي قتل ڪيو ويندو.

جمهور فقيهن قرآن مجيد جي آيت:
"ياايها الذين امنوا کتب عليکم القصاص فی القتلیٰ الحر بالحر والعبد بالعبد والانثیٰ بالانثیٰ"(٢٠)
ترجمو: اي ايمان وارو! توهان تي خون جو قصاص فرض ڪيو ويو آهي. آجو (آزاد) عيوض اجي جي، ٻانهو عيوض ٻانهي جي ۽ عورت عيوت عورت جي.
۽ پاڻ ڪريم ﷺ جو فرمان آهي:
"يا يقتل مسلم بکافر"(٢١)
ترجمو: مسلمان ڪافر جي عيوض ۾ قتل نه ڪيو ويندو.
۽ پاڻ ڪريم ﷺ جو هيءُ به فرمان اهي:
"دية المعاهد نصف دية الحر"(٢٢)
ترجمو: معاهي ٿيل (ذمي) جي آزاد جي مقابلي ۾ اڌ ديت (چٽي) اهي.

مٿي آيل قرآن مجيد جي آيت مان ذمي ۽ مسلمان، ٻانهي ۽ آزاد جي چٽيءَ ۾ فرق لاءِ دليل وٺڻ صحيح نه آهي. ڇو ته اها آيت جاهليت جي هڪ رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ نازل ٿي هئي. جاهليت ۾ طاقتور ۽ وڏي مرتبي وارن قبيلن ۽ غريبن ۽ عام قبيلن ۾ چٽي جو فرق هو. جيڪڏهن ڪنهن مرتبي واري قبيلي جو هڪ ماڻهو مرندو هو ته عام قبيلن جي ٻن ماڻهن کي بدلي ۾ ماريو ويندو هو، انهن جي ٻانهي جي عيوض ۾ آزاد ماريو ويندو هو ۽ عورت جي بدلي ۾ مرد کي قتل ڪيو ويندو هو.

فاقي حديثون "لا يقتل مسلم بکافر" اها حربي ڪافر جي باري ۾ آهي نه ذمي بابت. ۽ "دية المعاهد نصف ديت الحر" کان ابو دائود طيالسي جي آندل حديث وڌيڪ قابل عمل آهي ڇو ته حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ ٻين صحابن جو انهيءَ تي عمل آهي. اها حديث آهي:
"دية قتل ذی عهد فی عهده الف دينار"(٢٣)
ترجمو: ذميءَ جي ديت هزار دينار آهي. (اها ئي ديت مسلمان جي اهي)

انصاف ۽ انسانيت جي تقاضا به هيءَ آهي ته ذميءَ جي بدلي ۾ مسلمان کي قتل ڪرڻ گهرجي ۽ ٻنهي جو قدر ۽ قيمت به برابر هئڻ گهرجي. اها ئي ڳالهه "ان النفس بالنفس" جي عين مطابق آهي.

## غير مسلم ذمي جي مال جي حفاظت:

مال ۽ دولت جو تعلق محنت ۽ هنر سان آهي. هنرمند ۽ محنتي ماڻهو دولتمند ۽ مالدار ٿيندو آهي. انهي ۾ مسلمان ۽ غير مسلم جو فرق نه آهي. جيڪڏهن مذهبي حساب سان مال ۽ دولت جي خدائي تقسيم ٿئي ها ته پوءِ مذهب کي نه مڃڻ وارا سڀ سڃا ۽ بکيا هجن ها. ۽ اهڙي طرح دنيا جا سڀ مسلمان امير مالدار هجن ها ۽ غير مسلم سيئي محتاج. الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

"قل ان ربی یبسط الرزق لمن الیشاء و یقدر و لکن اکثر الناس لا یعلمون"(۲۳)

ترجمو: چوا بيشڪ منهنجو رب ڪشادو ۽ پورو ڪري ٿو رزق جنهن جو چاهي ٿو پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن.

اسلامي حڪومت ۾ مسلمانن ۽ ذمين (غير مسلمن) کي تجارت ڪرڻ، مال ملڪيت ڏارڻ جو اختيار حاصل آهي. پاڻ ڪريمﷺ مسلمانن سان گڏ غير مسلمن لاءِ به مال ملڪيت جي واڌاري جي دعا گهرندا هئا.

"جاء یهودی الی النبیﷺ فقال: ادع الله لی، فقال: کثر الله مالك و ولدك و اصلح جسمك و طال عمرك"(۲۵)

ترجمو: هڪ يهودي نبي ڪريمﷺ وٽ آيو چيائين منهنجي لاءِ دعا گهرو! پوءِ پاڻ سڳورن دعا گهري: الله هن جي مال ۽ اولاد کي وڌاءِ، هن کي صحت عطا ڪر ۽ سندس عمر دراز ڪر.

هن حديث مان خبر پوي ٿي ته پاڻ ڪريمﷺ هڪ غير مسلم (يهودي) جي لاءِ مال جي واڌاري جي دعا گهري. انهي مان معلوم ٿيو ٿي ته اسلام ۽ اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمن کي به مسلمانن جيترائي مالي ۽ واپاري حق حاصل آهن.

جيئن امام ابوبڪر احمد بن محمد هي ڳالهه آندي آهي:

"سمعت ابا عبدالله یقول: احکام الیهودیة و النصرانیة مع المسلمة مثل احکام المسلمین الا انهما لا یتوارثان"(۲۶)

ترجمو: جيڪي مسلمانن جا حق آهن يهودين ۽ عيسائين جا به ساڳيا ئي آهن باقي اهي ڪنهن مسلمان جا وارث نه ٿي سگهن.

ڪافر مسلمن جو وارث نه ٿو ٿي سگهي. حديث ۾ آهي:

"عن اسامة بن زيد ان النبي ﷺ قال لايرث المسلم الكافر و لا يرث الكافر المسلم"(٢٧)

ترجمو: حضرت اسامه بن زيد رضه کان روايت آهي ته مسلمان ڪافر جو ۽ ڪافر مسلمان جو وارث نٿو ٿي سگهي.

جيئن مسلمانن جي ڪاروبار ۽ واپار ۾ ڀائيواري جائز آهي، ايئن ئي مسلمانن جي ذمين سان ڀائيواري به جائز آهي.

"سئل حماد عن مشاركة المجوسي، قال: لا بأس بذالك"(٢٨)

ترجمو: حماد رح کان مجوسي سان ڀائيواري جي متعلق سوال ڪيو ويو، پاڻ فرمايائون انهي ۾ ڪوبه حرج نه آهي.

البته ذمين سان ڀائيواري دار الاسلام ۾ غير سودي ڪاروبار ۽ واپار ۾ جائز آهي. سودي ڪاروبار ۾ جيئن ڪنهن مسلمان سان ڀائيواري جائز نه آهي، ايئن ئي ذمي سان به جائز نه آهي.

"سألت ابا عبدالله عن مشاركة اليهودی و النصرانی؟ قال: شاركهم و لكن لا يخلوا اليهودی و النصرانی بالمال دونه، يكون هو يليه لانه يحمل بالربا"(٢٩)

ترجمو: اڄ جي جديد دور ۾ ڪاروبار کي هٿي وٺرائڻ ۽ شين کي عام ڪرڻ لاءِ ڪيترائي نوان طريقا وجود ۾ آهن. مختلف ذريعن سان شين ۽ واپار جي شهرت (Advertisement) ڪئي وڃي ٿي.

پاڻ ڪريم ﷺ رومين جو ناهيل لباس اوڙهي، انهن جي ناهيل شين کي اعزاز بخشيو. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"ان النبي ﷺ لبس جبة رومية ضيقة الكمين"(٣٠)

ترجمو: بيشڪ نبي ڪريم ﷺ رومي جبو (ڪوٽ) پاتو جنهن جون ٻانهون سوڙهيون هيون.

دار الاسلام ۾ جيڪا ماڻهن کان ٽيڪس زڪوات، جزيه، عشر، خراج وغيره جي صورت ۾ ورتي وڃي ٿي انهي ۾ به مسلمان ۽ غير مسلم ٻئي شامل آهن. مسلمانن جي مال ملڪيت تي زڪوات فرض آهي ۽ غير مسلمن تي جزيو. عشر مسلمانن جي زمينن تي ۽ خراج غير مسلمن تي ۽ طاقت ذريعي فتح ٿيل زمينن تي آهي. جيئن قاضي ابو يوسف لکي ٿو:

"و ليس فی مواشی اهل الذمة من الابل و البقر و الغنم زكوٰة و الرجال و النساء فی ذالك سواء"(٣١)

ترجمو: ذمين جي جانورن، اٺن، ڳئن ۽ ٻڪرين تي زڪوات نه آهي انهي ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي شامل آهن.

اسلام جو ڪيڏو عمدو قانون آهي جو زڪوات ۽ جزيو سال ۾ هڪ دفعو فرض آهي ۽ عشر خراج وري زمين جي پيداوار تي آهي. يعني مسلمانن تي زڪوات ۽ زمين جو جزيو آهي ۽ اهڙي ريت عشر ۽ خراج آهن.

اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمن جو مال ملڪيت محفوظ آهي جيئن اموي خليفي وليد هڪ ذمي جي زمين، ذمي جي رضامندي بغير هڪ مسلمان کي ڪاتو ڪري ڏني. جڏهن حضرت عمر بن عبدالعزيز خليفو بنيو ته ذمي ونس دانهن کڻي آيو ۽ چيائين ته منهنجو فيصلو قرآن جي روءِ سان ڪريو. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي جو غير مسيلم به فيصلا قرآن جي روشني ۾ ڪرڻ کي پسند ڪن ٿا. پورو واقعو هن طرح آهي:

''حمص کا بوڑھا ذمی آ کر کہتا ہے، امیر المؤمنین، میں آپ سے اللہ کی کتاب کا فیصلہ چاہتا ہوں۔ عباس بن ولید نے میری زمین پر ناجائز قبضہ کرلیا ہے۔ عباس بھی موجود ہیں۔ عمرؒ پوچھتے ہیں: عباس! کیا کہتے ہو؟ عباس کہتے ہیں: مجھے وہ زمین امیر المؤمنین ولید نے دی تھی اور اس کی دستاویز مجھے لکھ دی تھی، لیجئے یہ دستاویز ہے۔ عمرؒ نے ذمی سے کہا: اب تم کیا کہتے ہو؟ وہ کہتا ہے: امیر المؤمنین! میں اللہ تو اللہ کی کتاب سے فیصلہ چاہتا ہوں۔ عمرؒ کہتے ہیں: اللہ کی کتاب مقدس کی پیروی کی جانی ضروری ہے۔ عباس کھڑے ہو جاؤ اور اس کی زمین اس کے حوالے کردو۔ عباس ذمی کو زمین دے دیتے ہیں'' (۳۲)

مطلب ته اسلام ۾ ذمين جي مال ۽ ملڪيت کي مڪمل تحفظ حاصل آهي.

### غير مسلمن ذميً جي عزت جي حفاظت:

سموري مخلوق ۾ انسان عزت ۽ شان ۾ اتم آهي. ڪيس اشرف المخلوقات هجڻ جو اعزاز عطا ٿيو آهي. دنياوي زندگي ۾ مسلمان ۽ ذمي جي معاشي، معاشرتي ۽ انساني حقن ۾ ڪو وڏو فرق نه آهي. جيئن گذري آيو ته "احكام اليهودية والنصرانية مع المسلمة مثل احكام المسلمين الا انهما لا يتوارثان" يعني جيڪي مسلمانن جا حق آهن يهودين ۽ عيسائين جا به ساڳيا ئي آهن. باقي اهي ڪنهن مسلمان جا وارث نٿي سگهندا.

جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو اسلام جي معلومات وٺڻ يا ڪنهن مذهبي عالم(scholar) سان ملڻ چاهي ته ڪيس مڪمل تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي. انهي متعلق الله تعالي جو فرمان آهي:

"و ان احد من المشركين استجارك فاجره حتىٰ يسمع كلام الله ثم ابلغه مامنه ذالك بانهم قوم لا يعلمون"(۳۳)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو ماڻهو اچي ۽ اوهان کان پناهه گهري ته ڪيس ضرور پناهه ڏيو تيستائين جيستائين الله جو ڪلام ٻڌي وٺي پوءِ ڪيس سندن امن واري جاءِ تي پهچايو. هي حڪم هن ڪري ضروري ٿيو جو اهي ماڻهو (اسلام کان) بي خبر آهن.

جيئن مسلمانن کي هڪ ٻئي تي ظلم ڪرڻ، تڪليف پهچائڻ، بهتان ۽ چغلي هڻڻ، ذاتي معاملن ۾ جاسوسي ڪرڻ، عيب ڪڍڻ، گار گند ڏيڻ وغيره کان روڪيو ويو آهي. ايئن ئي غير مسلمن ۽ ذمين بابت پڻ روڪيو ويو آهي. اهو حڪم عام آهي مسلمانن تي محدود نه آهي.

"ياايها الذين امنوا لا يسخر قوم من قوم عسى ان يكونوا خيرا منهم ولا نساء من نساء عسى ان يكن خيرا منهن و لا تلمزوا انفسكم و لا تنابزو بالالقاب"(۳۴)

ترجمو: اي مومنو! هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي چٿرون ۽ ٺٺولون نه ڪن. ممڪن آهي ته اهي انهن کان بهتر هجن، نڪي هڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي ٽڪلون ۽ مسخريون ڪن ممڪن آهي ته ته اهي ٻيون عورتون بهتر هجن ۽ توهان هڪ ٻئي جا عيب نه ڪڍو ۽ هڪ ٻئي تي خراب نالا نه رکو.

حضرت عمر فاروق رضہ جو فرمان آهي:

"و عمر بن الخطاب رضى الله عنه كتب الىٰ ابى عبيدة يامره: ان يمنع المسلمين من ظلم احد من اهل الذمة"(۳۵)

ترجمو: حضرت عمر بن الخطاب رضہ حضرت ابو عبيده ڏانهن لکيو ته مسلمانن کي روڪيو ته هو ڪنهن ذمي سان ظلم ۽ زيادتي نه ڪن.

انساني تاريخ جي عظيم انسان امير المومنين حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ هڪ مڪمل حڪومت قائم ڪئي. سندس حڪمت ۾ سيني ماڻهن ۽ ساهه وارن جا حق محفوظ هئا. ذمين جي حقن جي باري ۾ علامه شبلي نعماني لکي ٿو:

"(حضرت عمر رضہ کے دور میں) ذمیوں کی عزت و آبرو کا اسی قدر استحفاظ تھا جس قدر مسلمانوں کی عزت وناموس کا، ان کی نسبت کسی قسم کی تحقیر کا لفظ استعمال کرنا نہایت ناپسندیدہ خیال کیا جاتا تھا" (۳۶)

اسلام ۾ غير مسلم ذمين جو کاڌو کائڻ، انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ، اهڙ کي سلام ڪرڻ، انهن جي عزت ڪرڻ، انهن کان دنياداري جي معاملن ۾ صلاح مشورو ڪرڻ، انهن کي پنهنجي تجارتي معاملن ۾ شريڪ ڪرڻ ۽ انهن جي ڪٺي کي حلال سمجهڻ، اهل ڪتاب عورتن سان شادي ڪرڻ، ذمين کي مزور بنائڻ يا انهن وٽ نوڪري ۽ مزوري ڪرڻ، هڪ ٻئي جي شادين ۽ غمين ۾ شريڪ ٿيڻ جي نه صرف اجازت پر ترغيب ڏني وئي آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

"اليوم احل لكم الطيبات و طعام الذين اوتوا الكتاب حل لكم و طعامكم حل لهم"(٣٧)

ترجمو: اڄ سڀ چڱيون شيون توهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي (اهل ڪتاب) تن جو تيار ڪيل طعام توهان لاءِ حلال آهي ۽ اوهان جو طعام انهن لاءِ حلال آهي.

غير مسلمن سان اٿڻ ويهڻ انهن جو حلال شين وارو تيار ڪيل کاڌو کائڻ جائز ۽ فطرت انساني جي مطابق آهي. جيڪڏهن مسلمان غير مسلمن سان ملڻ جلڻ پسند نه ڪندا ۽ کائڻ نفرت ڪندا ته انهيءَ سان ڪنهن به غير مسلم جي دل ۾ اسلام ۽ مسلمانن لاءِ همدردي پيدا نه ٿيندي.

غير مسلمن جي کاڌي کائڻ کان سواءِ ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگي گذارڻ ڏکي ٿي پوندي. مثلاً ڪو ماڻهو اسلام جي تبليغ، تجارت، علاج جي سلسلي ۾ غير مسلم ملڪن ڏانهن وڃي ته اتي کاڌي خوراڪ جو ڪيئن بندوبست ڪري؟ پاڻ سان گڏ بورچي وٺي وڃڻ، کاڌي پيتي جو سامان کڻي وڃڻ ممڪن نه آهي. انهيءَ متعلق برصغير جو مشهور عالم مولانا مفتي محمد شفيع رحه لکي ٿو:

''جب تک یہ یقین نہ ہو کہ پکانے والے کافر کے ہاتھ یا برتن ناپاک تھے۔ اس وقت تک ان کے ہاتھ کا پکا ہوا کھانا جائز ہے اور اگر یقین ہوجائے کہ ہاتھ یا برتن وغیرہ ناپاک تھے تو جائز نہیں اور اس میں ہندو یا کافر کی بھی کوئی تخصیص نہیں، مسلمان کا بھی یہی حکم ہے''(٣٨)

غير مسلمن جي دعوتن قبول ڪرڻ ۽ انهن جي تيار ڪيل کاڌي کائڻ متعلق جڏهن امام احمد بن حنب رحه کان سوال ڪيو ويو ته فرمايائون انهيءَ ۾ ڪوبه حرج نه آهي.

"سمعت ابا عبدالله سئل عن الاكل فى منزل اليهودى والنصرانى، قال: لا بأس به۔ وقال يؤكل من طعامهم"(۳۹)

ترجمو: امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو، يهودين ۽ نصارن جي جڳهن تي کاڌي کائڻ متعلق پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون: انهي ۾ حرج نه آهي. ۽ فرمايائون انهن جي کاڌي ۾ پل کائو.

حديث شريف ۾ آهي ته صحابي سڳورا مشرڪن جي ٿانون ۾ کائيندا پيئندا هئا.

"عن الحسن و محمد قالا: كان المشركون يجيئون بالسمن فى ظروفهم فيشربه اصحاب النبى ﷺ والمسلمون فيأكلون و نحن نأكله"(۴۰)

ترجمو: حسن بصري ۽ محمد بن سيرين فرمائن ٿا: مشرڪ پنهنجي ٿانون ۾ مکڻ آڻيندا هئا، جن کي پاڻ ڪريم ﷺ جا صحابي ۽ پيا مسلمان پيئندا ۽ کائيندا هئا ۽ اسان به کائيندا هئاسون.

جڏهن مسلمان هڪ ٻئي سان ملندا آهن ته هڪ چوندو آهي:

"السلام عليكم" (توهان کي الله تعالى حفاظت ۾ رکي)

جواب ۾ ٻيو مسلمان چوندو آهي:

"وعليكم السلام" (الله تعالى توهان کي به حفاظت ۾ رکي)

جيئن مسلمان ملڻ وقت هڪ ٻئي لاءِ سلامتي جي دعا ڪندا آهن، ساڳئي ريت غير مسلم سان ملڻ وقت به انهن کي سلامتي جي دعا ڏيڻ گهرجي. محدث يزيد بن ماجه پنهنجي سنن ابن ماجه ۾ هڪ باب آندو آهي جنهن جو عنوان آهي "باب رد السلام على اهل الذمة" اهل ڪتاب کي سلام جو جواب ڏيڻ انهي باب ۾ هي حديث پڻ آندي اٿائين:

"عن انس بن مالك قال قال رسول الله ﷺ اذا اسلم عليكم احد من اهل الكتاب فقولوا و عليكم"(۴۱)

ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رضه روايت آندي آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: جيڪڏهن ذمين مان ڪو اوهان کي سلام ڪري ته کيس جواب ڏيو.

اسلام ۾ عقيقي ۽ قرباني جو گوشت ڪنهن غير مسلم کي ڏيڻ، ثواب ۽ برڪت خاطر ڪيل دعوت تي غير مسلم کي سڏڻ جي اجازت آهي. مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ لکي ٿو:

"قربانيءَ جو گوشت ورهائڻ واجب نه بلڪ اها نفلي خيرات آهي ۽ نفلي خيرات هجڻ ڪري غير مسلم کي ڏيئي تو سگهي" (۴۲)

اسلام ۾ مريضن جي عيادت ڪرڻ جي ترغيب آيل آهي. مسلمانن يا غير مسلمن جي عيادت ڪرڻ انهن جي فوتگيءَ وقت غمخواري ڪرڻ جائز آهي. انهيءَ باري ۾ مولانا مفتي محمد شفيع رحه لکي ٿو:

"کافر کی عیادت جائز ہے اور جب مر جائے تو اس کے وارثوں کی تعزیت بھی جائز ہے۔ مگر تعزیت اس مضمون سے کی جائے کہ اللہ تعالیٰ تمہیں اس سے بہتر بدلا عطا فرمائے" (۴۳)

مطلب هيءَ ته اسلام، اسلامي حڪومت ۽ دار الاسلام ۾ غير مسلم ذمين جا سمورا معاشي معاشرتي حق محفوظ آهن ۽ اهڙو مثال ڪنهن بي مذهب ۾ ملڻ ممڪن نه آهي.

حوالا:


(۱) سورت آل عمران، آيت ۱۹
(۲) سورت آل عمران، آيت ۸۵
(۳) ڊاڪٽر وهبت زحيلي، التفسير المنير، عربي، ص: ۳۶۰، جلد۵، ناشر دار الفڪر بيروت، ڇاپو پيو سال ۲۰۰۳ع
(۴) سورت نساء، آيت ۵۹
(۵) سورت نساء، آيت ۸۰
(۶) سورت بقره، آيت ۲۵۶
(۷) سعيد حولي، الاساس في التفسير، عربي، ص: ۳۳۲، جلد۱
(۸) بطرس بستاني، محيط المحيط، عربي، ص: ۱۰۸، ناشر مڪتبه لبنان بيروت، سال طبع ۱۹۸۷ع
(۹) سورت توبه، آيت ۲۹
(۱۰) عبدالعزيز بن محمد رجبي حنفي، فقه الملوڪ و مفتاح الرتاج، ص: ۳۸۳، جلد اول، ناشر الارشاد بغداد، سال طبع ۱۹۷۳ع
(۱۱) عصام الدين اسماعيل بن محمد، حاشيه القونوي علي تفسير الامام البيضاوي، عربي، ص: ۲۰۲، جلد۹، ناشر دار الڪتب علميه بيروت، ڇاپو پهريون سال ۲۰۰۱ع
(۱۲) محمد فريد وجدي، دائرت المعارف، عربي، ص: ۱۲۷، جلد ۴، ناشر

دائرۃ المعارف بيروت، ڇاپو پيو
(۱۳) سورت مائده، آيت ۳۲
(۱۴) سورت مائده، آيت ۴۵
(۱۵) يزيد بن ماجه، سنن ابن ماجه، عربي، ص: ۱۹۱، جلد۲، ناشر قديمي ڪتب خانه ڪراچي
(۱۶) عبد الله بن عبدالرحمان دارمي، سنن دارمي، ص: ۳۵۸، ناشر محمد سعيد اينڊ سنز تاجران ڪراچي
(۱۷) يحيٰ بن آدم، ڪتاب الخراج، عربي، ص: ۸۲، ناشر مڪتبه علميه لاهور، ڇاپو ٻهريون
(۱۸) يحيٰ بن آدم، ڪتاب الخراج، عربي، ص: ۸۲، ناشر مڪتبه علميه لاهور، ڇاپو ٻهريون
(۱۹) محمد علي صابوني استاد دراسات الاسلاميه مڪه مڪرمه، روائع البيان تفسير آيات الاحڪام، عربي، ص: ۱۷۱، ۱۷۲، جلد اول،
(۲۰) سورت بقره، آيت ۱۷۸
(۲۱) محمد بن اسماعيل بخاري، صحيح البخاري، عربي، ص: ۱۰۲۱، جلد۲، ناشر قديمي ڪتب خانه ڪراچي
(۲۲) محدث سليمان بن اشعث، سنن ابو دائود، عربي، ص: ۲۸۲، جلد۲، ناشر مڪتبه امداديه ملتان
(۲۳) فقيه علي مرغياني، هدايه، عربي، ص: ۵۰۱، جلد اخيرين، ناشر مجيدي ڪانپور انڊيا، سال طبع ۱۳۴۸ھ
(۲۴) سورت سبا، آيت ۳۶
(۲۵) عبد الله بن محمد بن ابي شيبه، المصنف، عربي، ص: ۱۵۰، جلد۶، ناشر دار الفڪر بيروت، سال طبع ۱۹۹۶ع
(۲۶) ابوبڪر احمد بن محمد، احڪام اهل الملل، عربي، ص: ۲۷۹، ناشر دار الڪتب العلميه بيروت، ڇاپو ٻهريون، سال ۱۹۹۴ع
(۲۷) مسلم بن حجاج، صحيح مسلم، عربي، ص:۳۳، جلد۲، ناشر قديمي ڪتبخانه ڪراچي
(۲۸) ابوبڪر احمد بن محمد، احڪام اهل الملل، عربي، ص: ۱۰۸، ناشر دار الڪتب العلميه بيروت، ڇاپو ٻهريون سال ۱۹۹۴ع
(۲۹) ابوبڪر احمد بن محمد، احڪام اهل الملل، عربي، ص: ۱۰۶،

